ڊاڪٽر فياض لطيف

# موجوده دؤر ۾ سچل جي فڪر ۽ فلسفي جي اهميت ۽ افاديت

# IMPORTANCE & SCOPE OF PHILOSOPHY AND MESSAGE OF SACHAL SARMAST IN PRESENT ERA


**Abstract**

Sachal Sarmast, who for his daring voice and determined will, is known `Mansur Saani`in Sindh and all over the world. He was not only a born poet but a born intoxicated soul. After Mansur al hallaj, no one but Sachal was the only poet in Sindh, who followed the philosophy of Mansur and expressed `Ana ul haq` in his poetry. Sachal sarmast was disciple of Miaan Abdul Haq, who was his uncle too, but in poetry, he has accepted impacts of Shah Latif, Bayazid Bistami, Rumi, Shams Tabraiz, Fariduddin Attar and Mansur Hallaj. Sachal Sarmast preached in his Poetry love, Equality, brother hood and denied all kinds of duality, cast and creed.

Sachal was not only a Sufi sage but a learned scholar and intellectual. He has addressed and highlighted the social, political and religious issues of his times in his poetry. He had a huge command over Sindhi, Arabic, Persian, Urdu, Siraaiki and Hindi Languages. Though he composed poetry in different Languages but his Sindhi and Siraaiki poetry is more splendid and attractive enough. His poetry teaches us lesson of love and humanity. He teaches knowing thyself is to know Him. He is not any where else but in you and omnipresent, only you have to feel His presence. Sachals' message is to search for truth and avoid all kinds of extremisms. Importance and relevance of Sachal's Poetry with this era will be highlighted in the paper.


شاهہ لطيف ۽ سچل سرمست نہ فقط ڪلاسيڪي سنڌي شاعريءَ جا امام آهن، پر سنڌ ۽ عالمِ انسانيت جي محبت، ماڻهپي، امن، رواداري، انساني اَخوت، ۽ اجتماعي حق سچ جي قدرن جا امين ۽ پاسبان آهن، اهو ئي سبب آهي، جو هر مڪتبہ فڪر جو ماڻهو، بنا ڪنهن مذهبي مت ڀيد ۽ رنگ نسل جي تفريق ۽ تضاد جي، سندس شاعريءَ جي فڪر ۽ فلسفي ڪي، نہ رڳو هينئين سان هنڊائي ۽ دل جي

حضور سان پڙهي ۽ پروڙي ٿو. پر انهن جي پيغام ۾ ئي پنهنجي آدرشي جياپي جو جيئيدان سمجهي ٿو.

سچل جو مَسلڪ محبت، آجپو عشق ۽ طريقو تصوف هو. هُن عمر ڀر شاعريءَ جي تسبيح سوري، انساني محبت ۽ عشق جي اَذان انهيءَ ڪري ڏني هئي، ڇو تہ هُن شريعت ۽ طريقت جي تقليد بدران معرفت کي اپنايو ۽ 'انالحق' جو آجپو ٿي چاهيو. هُن ڄاتو ٿي، تہ پوريءَ مخلوق ۾، هڪ 'آدم ذات' ئي آهي، جنهن ۾ سڀ صفات موجود آهن ۽ اها ئي ذات، 'نور صفات' جو حقيقي عڪس ۽ آئينو آهي، جنهن کي سُجاڻڻ ۽ ساڃاهڻ جي ضرورت آهي، انهيءَ ڪري ئي چيائين تہ:

صـــورت ســـڀ انســـان، آٿـــي عشـــق اصـــل،
'خـلـق آدم الا صـورتـه'، جـزو جـهـڙو ڪُـل،
'اَلا انسان سِري و اَنـا سِرهُ'، سـڄُ 'سـچـا' پـيـو سـل،
پُـل نـہ بـيءَ تـون پُـلُ، هِـتـي هُـتـي هِـڪُ آٿـي.

تصوف دل جي دنيا آهي ۽ دل جي دنيا کي، حُسن ۽ حقيقت جو هڪ پنهنجوحسين جهان ٿئي ٿو. دنيا ۾ جن ماڻهن دل جي راهہ ورتي آهي، انهن کي دنيا جا رَند ۽ پنڌ راس نہ آيا آهن ۽ جن دنيا جو دڳ ورتو آهي، انهن کان دل جو دڳ وڃايل ئي رهيو آهي. دنيا جي دڳ ۾ ڪَنڊا ۽ ڪدورتون آهن. دوکا ۽ فريب آهن، پر دل جي دڳ ۾ پيار ۽ پريت آهي. خواب ۽ خوبصورتيون آهن ۽ وڏي ڳالهہ تہ ان ۾ عشق جو آجپو ۽ آجپي جو عشق بہ آهي، تہ موهہ جي مجذوبي ۽ مجذوبيءَ جو موهہ بہ. تڏهن ئي تہ سچل، 'سرمست' بڻجي، ان جو اظهار هن ريت ڪري ٿو:

ڳِـهـڙن جـي گـهـيـڙاءُ، تـانـگـهـو عشـق تـن جـو،
جـن کـي عشـق عـليـل ڪـيـو، سـي ايـنـديـون اَوتـڙاءُ،
جـي سُـور چَـکـنـديـون ساءُ، مـيـهـر سـي مـاڻـيـنـديـون!

دنيا جي دڳ ۾ عقل ۽ فهم سان گڏ، وقت، حالتون، تجربا ۽ ٻيا انيڪ ماڻهو رهبر بڻجي، دنياوي رَندن ۽ پنڌن سان آشنائي پيدا ڪرائيندا آهن، جڏهن تہ دل جي دڳ ۾ فقط عشق ئي پَرجهلو بڻجي، من جي رازن ۽ رمزن کان واقف ڪندو آهي ۽ دل جي ڪُنڊ ۾ آباد وشال ڪائنات جا سچ ۽ سندرتائون پڻ پَسائيندو آهي. عشق جنهن جو امام بڻجندو آهي، دوئي ان کان دور ۽ وحدت ان جي ويجهڙي ٿي ويندي آهي. محبت ان جو مذهب، جاڳ ان جو جيون ۽ ننڊ ان جي عبادت بڻجي ويندي آهي. 'تون' ۽ 'مون' جا سمورا ويڇا پنهنجا وجود وڃائي ويهندا آهن. طمع ۽ طلب بي معنيٰ ٿي پوندي آهي. موهہ مومل ۽ روح راڻو بڻجي پوندا آهن، پوءِ نہ ڪائي ڪاڪ رهندي آهي، نہ ڪوئي لنڊاڻو. بس هر روءِ 'راڻو ئي راڻو' هوندو آهي.

لنگهيا لُنڊاڻو، ڪاڪ ڇڏيائون پوئتي،
تاتي وجي رَسيا، جاتي مومل نہ راڻو،
اُتي تيُن ٿاڻو، جتي مون تون ناهہ ڪا!

سچل سرمست جو نالو سنڌي شاعريءَ جي اتهاس ۾ اها وقعت رکي ٿو، جيڪا وقعت آڪاش ۾، سج ۽ چنڊ کي آهي. جيئن سج جا ڪِرڻا پوري سنسار کي پنهنجي سُندرتا ۽ سَهائيءَ سان منور ڪندا آهن، ائين ئي سچل جي 'سرمست ۽ سرمدي' فڪر ۽ فلسفي، سنڌي سماج خاص ڪري تصوف جي وحدت الوجودي مسلڪ سان وابستا ماڻهن کي موهيو ۽ متاثر ڪيو آهي. سچل سنڌ جو اهو مست ۽ الست شاعر آهي، جنهن جي شاعريءَ ۾ نہ رڳو رندي ۽ عاشقانہ مستي پنهنجي اوج ۽ عروج تي آهي، پر هن جو آواز سماجي دقيانوسيت ۽ مذهبي اوچ نيچ خلاف هڪ انوکي بغاوت سان ڀريل آهي. سچل جي شاعريءَ ۾ مَئي متي مهراڻ جهڙي مَستي ۽ اُتل آهي ۽ ان پنهنجي اظهار ۽ احساس جي سرمستيءَ سان ساري سنڌ کي ڪچي جيان ٻوڙيو آهي. جيئن ڪچو ٻُڏڻ کان پوءِ سرسبز ۽ سائو ٿي پوندو آهي، ائين سچل جي شاعري بہ سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي دلين کي پنهنجي فڪر جي امرت سان سيراب ڪري، اهڙو سرسبز ۽ سائو ڪيو آهي، جو انهن جي داخلي سرمستي ۽ فڪري سرڪشيءَ کي هاڻي وقت ۽ حالتن جي ڪائي خزان آسانيءَ سان لهسائي ۽ ساڙي نہ ٿي سگهي.

"سچل جو پنهنجي دؤر جي ماڻهن سان، پنهنجي ديس ۽ ڌرتيءَ سان، زندگيءَ ۽ انسانيت جي قدرن سان پيار هو. اهڙا قدر، جيڪي ڪنهن هيڻي کي ڏاڍي جي اڳيان جهڪڻ نہ ڏين، اهڙا قدر، جيڪي بيمار ۽ آگهي معاشري جو علاج ۽ مرهم بڻجن، اهڙا قدر، جيڪي انسان جي ضمير ۽ خمير کي بلندي عطا ڪن، اهڙا قدر، جن جي روشنيءَ ۾ اقتدار، اختيار ۽ دولت جي لالچ، انسانن جي روحاني ترقيءَ ۾ رڪاوٽ نہ بڻجي....سچل جو تصوف، برصغير جي ڪيترن صوفي بزرگن وانگر دربارن ۽ حڪمرانن جي محفلن جو سينگار نہ هو". (1)

هن جي شاعري هڪ طرف روحاني رازن ۽ رمزن کي عيان ڪري ٿي، تہ ٻئي طرف اها سماجي مت ڀيد ۽ مذهبي جنونيت جي نفي ڪري ٿي، انهيءَ ڪري سچل جو پيغام 'پيهي پاڻ پروڙڻ' سان گڏوگڏ 'جيئو ۽ جيئڻ ڏيو' جي درس تي ٻڌل آهي. سچل سرمست جي شاعري دماغ جي شاعري نہ، پر دل ۽ جذبن جي اٿجهل اُڇل جو احساساتي ۽ وجداني آواز آهي، ان ڪري سچل سائينءَ جي ڪلام ۽ ان ۾ موجود رندي رمزن ۽ رازن کي سمجهڻ مشڪل آهي. ان کي فقط اهي ماڻهو ئي سمجهي ۽ ساڃاهي سگهن ٿا، جن جي من ـ محل جون دريون کُليل ۽ اندر آئيني جيان اُجرو ۽ شفاف آهي. نام نهاد عقل جي اَڪابرن، جن سچل جي سرڪشي ۽ سرمستيءَ کي صرف عقل ۽ روايتي فهم جي بنياد تي پرکڻ ۽ پُرجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي،

انهن جون تشريحون ۽ تاويلون سچ تہ پنهنجي فڪري وجود ۾ ئي اُلجهيل رهيون آهن. سچل تہ اُها صدا آهي، جنهن کي پائڻ ۽ پُرجهڻ لاءِ هڪ سرمست ۽ پُر ڪيف دل درڪار آهي، ڇو تہ سچل جي شاعري خارجي لقائن کان وڌيڪ داخلي احساس ۽ ادراڪ جي دنيا سان تعلق رکي ٿي.

جاڏي ڪِيَاڙِي، سجدو تاڏي نہ ٿئي،
جاڏي مُهاڙِي، سجدو تِتِ سهي ٿيو!.

تصوف ۾ وحدت الوجودي فڪر جي پيروڪارن جا ٻہ مڪتبہ فڪر آهن، جن مان هڪ کي 'جمالي صوفي' ۽ ٻي کي 'جلالي صوفي' چون ٿا. ابو هاشم عثمان بن شريڪ ڪوفي (جنهن کي پهريون پيرو صوفي جي لقب سان سڏيو ويو) کان وٺي حضرت سفيان ثوري، شاهہ ڪريم، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ۽ ساڳي مزاج ۽ طريقت جي ٻين انيڪ سنتن ۽ صوفين تائين سڀئي جمالي صوفي هئا. هِنن لاءِ تصوف جو مطلب، رڳو روزا، نمازون پڙهڻ، حجَ ۽ زڪواتون ادا ڪرڻ نہ هو. پر الله جو عشق، انساني ڀلائي، نفس جي پاڪائي، اخلاق ۽ پاڪ دامني، قدرت جي ڪرشماتي صداقتن ۽ جلون جو درشن ڪري، فطرت جي حُسناڪين ۽ حقيقتن کي پَسي، دل کي آنند ۽ اطمينان ۾ رکڻ هو.

" Sufism is a path of mystical life, which begins with the souls' conversion, or turning, towards God. The end of this path human perfection in union with God".(2)

جڏهن تہ 'جلالي صوفي' پنهنجي قلبي واردات کي جذب ۽ مستيءَ جي انداز ۾ اظهاري، قادر کي الڳ نہ، پر پنهنجي وجود جو حصو ۽ حقيقت تصور ڪن ٿا. هو رڳو شريعت ۽ طريقت کي ئي نہ، پر محبوب تائين رَسڻ لاءِ معرفت کي اهم ذريعو سمجهن ٿا. هنن لاءِ مذهب، قيد ۽ پابندي نہ، پر پيار ۽ محبت آهي ۽ هو انهيءَ محبت جي ڪيف ۾ مگن ٿي، 'محبوب' ۾ سرايت ڪري، هڪ ٿي وڃن ٿا.

"When you make religion Love, without ceasing to be religious, and make love religion, without ceasing to be human and sensuous, in the good sense of the word, then you have made a form of mysticism".(3)

تصوف ۾ جلاليت جي روايت اٺڪل نائين صديءَ ڌاري سڀ کان پهريان بايزيد بسطامي وڌي، جنهن 'سبحاني ما اعظم شاني' جو اظهار ڪري، پنهنجي جلال ۽ جولان کي عام اڳيان عيان ڪيو. تنهن کان پوءِ جنيد بغدادي، عبدالحسن نوري، شمس تبريزي، فريدالدين عطار، منصور حلاج، بلا شاهہ ۽ سچل سرمست جي زباني، ان سرمدي ۽ سرمستيءَ جون صدائون ٻُڌڻ ۾ آيون.

عشــق ٿــي انســان آيــو ســيــلانــي ســپــريــن،
صـــــورت ۾ آدم جـــــي، آدم دم مـــــهـــــمـــــان،
ســچــو ســو ســلــطــان، ســتــگــر ســچ سُــڻــايــو.

صوفين وٽ درد جي وڏي وقعت رهي آهي. هو درد جي راهن ۾ ئي راحتون تلاشيندڙ هوندا آهن. هو رواجي ماڻهن وانگر ڏکن کان ڏور نه، پر انهن جي قرابت طلبيندا آهن. هنن لاءِ ڏُکَ سُکن جي سونهن هوندا آهن ۽ هو ڏُکن بنا سُکن کي چَسو ۽ عبث سمجهندا آهن. تن کي تسيا ڏئي من کي باغ بهار رکندڙ، انگ اگهاڙن، مٿيءَ ۾ پيوت ۽ سدائين سفر ۾ رهندڙ هنن سيلانن جو وطن ۽ سمورو سنسار سندن دل ئي هوندي آهي. صوفي سچ ته هن دنيا ۾ اهڙي سِر ڦري ۽ سِرفروش مخلوق آهي، جنهن جي من موجي ڪيفيتن ۽ جلالي جولانن کي جديد سائنس به سمجهڻ کان قاصر آهي. قطري کي قلزم ۽ قلزم کي قطري ۾ سمائڻ جي حقيقي حُسناڪي ۽ سچائي فقط سرجڻهارن ۽ صوفين وٽ ئي ملي ٿي .

هيڏي هُوڏي نه نهار، تنهنجي ويڙهي يار وَسي ٿو،
ساڻ سدا آ تنهنجي سپرين، نه آهي ڪنهن ٻي پار،
ڦولهي لهج پاڻ مان، چو ٿو وچين وڻڪار،
”وَفي اَنفسڪُم اَفلا تبصرونَ“، ويجهو ڪيم وسار،
سَچُو پاڻ سنيار، پريءَ نه پُڇج پنڌڙا!

سچل صوفياڻي فڪر جي حوالي سان همه اوست ۽ وحدت الوجود جو پيروڪار آهي ۽ وحدت الوجود ان سچ ۽ صداقت جو نالو آهي، جتي ’مون ۽ ’تون‘ جا سارا تفاوت مِٽجي ’تون ئي تون‘ ٿي وڃن ٿا. جتي سَنڌن ۽ سرحدن جي ڪائي وقعت ڪونه ٿي رهي. جتي ’سڏ ۽ پڙاڏو‘ پاڻ ۾ مِلي هڪ ٿي وڃن ٿا، جتي ’تند، ڪنارو ۽ ڪَنڌُ‘ ٽئي پاڻ ۾ پرچي پريءَ جو پار بڻجي وڃن ٿا.

مـــون ۾ آهـــيـــن تـــون، تـــو ۾ آهـــيـــان مـــان،
بــجــلــي بــادل ســان، آهــي جــيــئــن ســپــريــن!.

سچل سائينءَ جو جنم 1152 هه، 1739ع تي راڻي پور، ضلعي خيرپور ميرس جي ننڍڙيءَ وسنديءَ ’درازا‘ ۾ هڪ الله لوڪ ميان صلاح الدين جي گهر ۾ٿيو. سچل اڃان ننڍڙو ئي هو، ته سندس والد هيءَ جهان ڇڏي ويو، انهيءَ ڪري سندس تعليم ۽ تربيت جو ذمو چاچي ميان عبدالحق پنهنجي سِر تي کنيو. ميان عبدالحق، سچل جي نه صرف دنياوي تعليم ۽ تربيت ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو، پر هُن هِن جي روحاني حوالي سان به ڀرپور رهنمائي ۽ رهبري ڪئي، جنهن ڪري سچل، نه فقط پنهنجي

چاچي ۽ سهري جي حيثيت ۾ سندس سدائين تعظيم ڪئي، پر هُن استاد ۽ روحاني رهبر طور بہ هميشہ کين قبول ڪري احترام ڪيو.

سچل جو ڇَنيءَ جو نالو عبدالوهاب هو، پر ننڍپڻ ۾ ئي سچي ۽ خود دار هجڻ ڪري کيس 'سچل ۽ سچيڏنو' سڏيو ويو. اڳتي هلي جڏهن عشق جي ريتي رنگ ۾ رتو ۽ پيار جي پيالي مان پِيو، 'مستؤن مست مُدام' بڻجي، پرينءَ کي پَسيائين، تڏهن 'سچل' مان 'سرمست' بڻجي 'اناالحق' جا احد ۽ اسرار اوريائين.

جهڙو آهين، تهڙو هوندين، فاني ٿيندين ڇا؟
سُڌ پنهنجي سِرَ جي، ڪامل پيڙ ڪا،
ڳالهہ نہ سمجهئي سا، آوازي اناالحق جي!

سچل سرمست حافظِ قرآن سان گڏوگڏ، اردو، سنڌي، سرائڪي، فارسي ۽ عربيءَ جو بہ وڏو ڄاڻو ۽ عالم هو. چيو وڃي ٿو تہ، پاڻ ستن زبانن ۾ شاعري ڪئي اٿائين، جنهن ڪري کيس 'هفت زبان' شاعر بہ سڏيو وڃي ٿو، پر اهو معاملو گهڻي قدر سچل جي چند شارحن جي ذاتي جذبات ۽ بي بنياد راين تي ٻڌل آهي، جن تي تحقيق جي سخت ضرورت آهي. سچل جي سنڌي شاعريءَ ۾ ڪيف ۽ مستي، بي باڪي ۽ کُلئي اظهار جو عنصر جهجهو ملي ٿو، انهيءَ ڪري سندس ڪلام ۾ نغمگي ۽ شعريت جي نرملتا ۽ نفاست کان وڌيڪ سرمستيءَ جو ڪيف ۽ قرار محسوس ٿئي ٿو. سچل سنڌي شاعريءَ ۾ توڙي جو لطيف جي موضوعن، فني ۽ فڪري نُدرتن کان مرغوب ۽ متاثر آهي ۽ گهڻي قدر هُن انهن کي اپنائيو بہ آهي، پر ان ۾ اها غنائيت، جماليات ۽ نرملتا نہ ملي، جيڪا لطيف جي ڪلام ۾ نظر اچي ٿي. هُن موضوع لطيف وارا اختيار ڪيا آهن، پر انهن ۾ مڏ هُن جو پنهنجو آهي، تنهنڪري سندس شاعريءَ جو اسلوب، اظهار، احساس ۽ لهجو انفرادي ۽ سيني کان الڳ آهي.

سچل سرمست جو فارسي ڪلام پڻ وحدت الوجودي رمزن ۽ رازن سان ٽمٽار آهي، جنهن تي رومي، حافظ، سعدي ۽ ابن عربي جو نمايان اثر نظر اچي ٿو. هن فارسيءَ ۾ 'آشڪار' ۽ 'خدائي' تخلص ڪم آندا آهن، جڏهن تہ اردو ۾ سنڌي شاعري وانگر 'سچل' ۽ 'سچو' تخلص استعمال ڪيا اٿائين. اردو ۾ سندس پنجاهہ غزل نما ڪافيون ملن ٿيون، جن ۾ هن پنهنجي قلبي ۽ فڪري احساسن جو اظهار اردوءَ جي پراڻي انداز جي لکت، جنهن کي 'دکني يا ريختہ' انداز چئجي ٿو، ۾ ڪيو آهي. سندس اردو شاعريءَ بابت راءِ ڏيندي رشيد احمد لاشاري لکي ٿو، "سچل سرمست جي اردو ڪلام ۾ اخلاق، تصوف، قلبي ۽ حُسن و عشق جي واردات هر طرح سان موجود آهي ۽ سندن ڪلام جو بنياد عشقِ حقيقي تي مبني آهي". (4)

سچل جو سرائڪي ڪلام لهجي جي نرملتا، ٻوليءَ جي مناس، اسلوب،

احساس ۽ شعري نغمگيءَ جي لحاظ کان نهايت ئي حسين ۽ پُراثر آهي. هُن پنهنجي سرائڪي ڪلام ۾، نہ رڳو تصوف جي فلسفياڻن نڪتن کي عام فهم انداز سان بيان ڪيو آهي، پر ان ۾ مصوراڻي شاعري ۽ شاعراڻيءَ منصوريءَ جو پڻ ڪمال ڪيو آهي، جنهن کي پَسي ۽ پڙهي سندس تخيل جي نُدرت ۽ جمالياتي احساس جي تازگيءَ کي ساراهڻ کان سواءِ رهي نہ ٿو سگهجي. سرائڪي ٻوليءَ جو نامور محقق صديق طاهر سچل جي سرائڪي ڪلام جي خوبين ۽ خوبصورتين کي ساراهيندي، رقم طراز آهي، "سچل سرمست سرائڪي زبان جي شاعريءَ جي آسمان جو روشن ستارو آهي، جيڪو سرائڪي شاعريءَ جي ميدانِ سخن جو واحد شهسوار آهي، جنهن هن زبان جي هر صنف کي ڪاميابيءَ سان نڀايو آهي". (5) خاص ڪري سندس ڏوهيڙن ۽ ڪافين ۾ حُسن ۽ عشق، پيار ۽ محبت، ڦوڙائي ۽ فراق جي جمالياتي اظهار جا احساس موهيندڙ ۽ متاثر ڪندڙ آهن.

روزِ ازل استاد اسانون، هڪ سطر پرت دي پاڙهي،
سا مين دل دي تختي اُتي، چاهہ وِچون لِک چاڙهي،
سچل عشق پُڍا نہ ٿيوي، ڪيا جو چِٽي هووي ڏاڙهي.

سچل سرمست جو تصوف جي رندي مسلڪ سان وڏو موهہ هو. انهيءَ ڪري هُن فريدالدين عطار، شمس تبريزي، رومي ۽ جاميءَ جي فڪر ۽ فلسفي مان خوب پُرجهيو ۽ پرايو آهي. هو جيترو مذڪوره شاعرن کان متاثر آهي، ايترو ئي پٺائي جي شاعريءَ جي ڪجهہ پهلوئن کان مرغوب آهي، خاص ڪري سندس حب الوطني ۽ فطري جماليات جي سلسليءَ سچل سندس تمام گهڻا اثر ورتا آهن. اهو ئي سبب آهي، جو هُن جي شاعريءَ ۾ رندي، مَستي ۽ بي باڪي بہ ملي ٿي، تہ ڌرتيءَ سان نيهن ۽ ناتي جو احساس بہ نظر اچي ٿو. سچل قدرت جي سحر ۽ سُندرتا جو معترف بہ آهي، تہ انساني حُسن ۽ حقيقت جو مشتاق بہ آهي.

چشمان شور شراب مثالي، غمزي رنگ گلابي،
نظر گهَتن جنهن طرف اُتي، تنهن طرف ٿِيوي بيتابي،
مشتاقان دي دليان ڏهون، ڪَرديان شير شتابي،
سَتن جَهتن تي پٽ کاون 'چل' عين عذابي.

اديب ۽ شاعر پنهنجي سماج جي مجموعي جيوت جو سگهارو عڪس، آواز ۽ زندهہ ضمير ٿيندا آهن. انهن جي وسيع نظري، فڪري دانش، سماجي سُرت، عملي بي ڊپائي ۽ سندن اعلیٰ تخليقي ڪاوشون ئي هونديون آهن، جيڪي زندگيءَ جا قدر طئي ڪنديون آهن. هو فڪري جرئت ۽ جوان مَرديءَ سان نہ رڳو سماج دشمنن، اَمن ۽ اَخوت جي ويرين ۽ پيار جي مُنڪرن سان ٽَڪر کائيندا آهن، پر مذهبي منافرت،

فرقي پرستي، طبقاتي ۽ نسلي مت ڀيد جي ناسورن جي جراحي ڪري، ماڻهن جي دلين ۾ اُنس ۽ انسانيت جو شعور ۽ احساس پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، ۽ سچل اهو فرض بخوبي نڀايو آهي.

سچل سرمست نہ فقط دل جي دنيا ۽ ان جي رازن ۽ رعنائين کان آشنا هو، پر هو پنهنجي ڌرتي، ان جي ماڻهن جي ڏکن ۽ ڏاکڙن کان پڻ واقف ۽ باخبر هو، انهيءَ ڪري هو پنهنجي شاعريءَ ۾ تصوف جي روحاني رمزن ۽ منزلن جي اُپٽار سان گڏوگڏ ڌرتي ۽ ڌرتيءَ واسين جي سُک، سُڪون ۽ سلامتيءَ لاءِ پڻ دعاگو آهي.

والـــي وســائـــيــج! دردمـــنـــديءَ جـــو ديـــس،
پـــريـــن مـــون پـــرديـــس، اُتـــي ايـــنـــدم اوڏڙا!

سچل ڪلهوڙن جي ايام ڪاريءَ ۽ ٽالپرن جي صاحبيءَ واري دؤر ۾ پيدا ٿيو. هن ٻنهي حڪمرانن جي دؤرن کي ڏٺو. هُن سنڌ جي خوشحاليءَ جا ڪجھ ڏينهن بہ ڏٺا، تہ اُن تي آيل ڏکين ڏينهن جو مشاهدو بہ ڪيو. حڪمرانن جي خود غرض نفسيات ۽ ٻاهرين حملا آورن جي ظلم ۽ بربريت کي هن پنهنجن اکين سان ڏٺو. سنڌ تي نادر شاهہ جي چڙهائي وقت هن باغي شاعر اک کولي ۽ انگريزن جي اقتدار کان 15 سال پهريان 14 رمضان 1242هہ، 1739ع تي سندس لاڏاڻو ٿيو. هُن جنهن دؤر ۾ جنم ورتو، اهو سياسي توڙي مذهبي حوالي سان انتشار، افراتفري ۽ فڪري تضادن جو دؤر هو. هڪ پاسي ڌرتيءَ مٿان ڌارين جون يلغارون هيون، نادر شاهہ سنڌ تي ڪاهہ ڪري، ان کي لُٽي، ڦري ۽ ماڻهن کي بيگناهہ قتل ڪري رهيو هو، تہ ٻي طرف حاڪمَ، لُٽيرن ۽ ڦورن کي ڏَنُ ڏئي، پنهنجي جان بچائڻ ۾ پورا هئا. عام ماڻهو جبر ۽ استبداد جي ٻن پُڙن ۾ پيسجي رهيو هو. سياسي، سماجي، ثقافتي ۽ ذهني طور تي ماڻهو عجيب ٽوڙ ڦوڙ جو شڪار هئا.

ان حوالي سان ڊاڪٽر قاسم ٻگهيو پنهنجي هڪ مقالي ۾ لکي ٿو، ”سچل جو سمورو دؤر سياسي ۽ سماجي ڇڪتاڻ جو دؤر رهيو. ڪلهوڙا ۽ ٽالپور حاڪم بچاءَ ۽ بقا جي جنگ ۾ هر وقت مصروف رهيا. ڌارين جي ڪاهن ۽ سازشن جو ڊپ هر وقت کين رهيو....انهيءَ ئي دور ۾ سنڌ ۾ مذهبي جنون بہ وڌيو ۽ ڌارين طرفان مذهب کي سياسي هٿيار طور استعمال ڪيو ويو. مقامي مذهبي جنونين سان ملي 'مُلاازم' جو پرچار ڪيو ويو، پر اسان جي شاعرن (۽ ٻين باشعور ماڻهن) انهيءَ مذهبي ڪٽرپڻي جو شڪار نہ ٿيندي تصوف جي واٽ ورتي، جنهن ذريعي امن، آشتيءَ، محبت ۽ پيار جي دعوت ڏيندا رهيا“ (6).

انهن مڙني حالتن، سچل جي حساس دل ۽ سجاڳ ذهن تي پڻ گهرا اثر وڌا ۽ هو ان سماجي ڪُند ذهني، مذهبي ڪٽرپڻي، طبقاتي ويڇن ۽ سماجي ظلم ۽ زيادتن

خلاف پنهنجي شاعراڻي اظهار جو آواز بلند ڪيو. جيڪو گهڻن لاءِ انتهائي ڏکيو هو ۽ ڪين ناگوار گذريو، پر سچل الاعلان چيو:

سچ تا مرد چون، ڪنهن کي وٽي نه وٽي،
ڪوڙيءَ دوستيءَ جو دم، ٻٽي نه ٻٽي!

نتيجي ۾ سچل جي 'سچائي ۽ سرمستي، بي باڪي ۽ بلند خياليءَ' تي مُلائيت ڪفر جون فتوائون مڙهي کيس مارڻ ۽ قتل ڪرڻ جون سازشون به سِٽيون، پر هن بهادر ۽ منصور مڙس جو وار به ونگو نه ڪري سگهيا. سچل، جنهن سرمستيءَ جو جام پيو، حق جي راهه تي نڪتو هو، ان تي پويان جيترا سندس ويري هئا، ان کان وڌيڪ سندس واهرو به موجود هئا، جن هر وک تي ساٿ ڏئي سندس ويرين ۽ دشمنن کي ديوار سان ٿي لڳايو. وڏي ڳالهه ته سچل، جنهن 'سچ' جي پچار تي ڪئي، اهو 'سچ' ئي سندس وڏو ڏڏ ۽ آڏت هو. سچل سرمست ماڻهن سان جيڪي انيڪ ناانصافيون پَسيون. سياسي ۽ سماجي استحصال کان وٺي مذهب جي نالي ۾ منافقيون ۽ مَڪاريون ڏٺيون، انهن حالتن سان بغاوت ڪرڻ جو، نه رڳو هن ۾ همٿ ۽ حوصلو پيدا ڪيو، پر کيس سپ لاڳاپا لاهي 'منصوري راهه' تي پڻ گامزن ڪيو. اها راهه جنهن ۾ موت، محبوب جي وصل جيان ۽ جياپو، مسلسل جاکوڙ ۽ جستجوءَ وانگر هوندو آهي.

مارِ نغارا اناالحق دا، سولي سر چڙهيجي،
سوئي ڪم ڪريجي، جنهن وچ الله آپ ٻٽيجي.

”تصوف جي ورق گردانيءَ کان پوءِ معلوم ٿئي ٿو ته منصور جي شهادت کان پوءِ اسلامي دنيا ۾ اهڙو الله جي عشق سان سرشار، بي ڊپيو ۽ همٿ ڀريو صوفي سواءِ سچل سرمست جي پيدا نه ٿيو آهي، جنهن منصور واري جذبي، مدهوشي ۽ بي باڪيءَ سان 'اناالحق' جو نعرو هنيو هجي“ (7).

سچل پنهنجي عمل، احساس توڙي شاعريءَ ۾، منصور حَلاج جي وحدت الوجودي فڪر ۽ فلسفي کان تمام گهڻو متاثر آهي. حلاج انسان ۾ خدا جي حلول جو قائل هو ۽ سچل پڻ ساڳي خيال ۽ احساس جو حامي آهي، انهيءَ ڪري ئي چوي ٿو:

آهيان آءٌ اسرار، پيرنر! مون کي ڪير ٿيون پانيو،
نوري ناري ناهيان، آهيان رب جبار.

حسين بن منصور حلاج ايران جي مشهور شهر شيراز جي هڪ ڳوٺ 'طور' ۾ ڪپهه تاڻڻ جو ڪم ڪندڙ هڪ پورهيت جي گهر ۾ 857ع ۾ پيدا ٿيو. پيءُ جي پيشي سبب کيس 'حَلاج' جي نالي سان سُڃاڻپ ملي، پر 'اناالحق' جو اظهار ڪرڻ تي،

ظاهربين مُلن ۽ مفتين 309ھ ۾ هن تي ڪفر جو مقدمو مَڙهي ڪيس قتل ڪرڻ جي فتويٰ ڏني ۽ ان 'موت' ئي 'زندگي' بڻجي، ساري دنيا ۾ ڪيس نہ رڳو مشهور ڪيو، پر زندھ ۽ اَمر ڪري ڇڏيو. عربيءَ ۾ حلاج لفظ جي معنيٰ 'حق جي راھ تي هلندڙ يا حق کي حاصل ڪندڙ' آهي، ٻين لفظن ۾ حق گوئي ۽ سچائيءَ سبب ڪيس 'حلاج' ڪوٺيو ويو. سچل، منصور جي سچائي، بي باڪي ۽ موت سان ثابت قدمي سان مُنهن مقابل ٿيڻ واري جرئت ۽ جوانمرديءَ کان گهڻو مرغوب آهي، اهو ئي سبب آهي، جو سچل مُڙئي مشرڪ ٿيڻ بدران هميشہ ڪُچي ڪافر ٿيڻ کي اوليت ۽ اهميت ڏني آهي.

ڪُچان تان ڪافر، مُڙان تان مُشرڪ،
انهي وائيءَ ور، ڪو سمجهي سچيڏنو چوي!

سچل، منصور حَلاج کي فڪري، عملي ۽ احساساتي طرح نہ رڳو پير و مرشد قبول ڪري ٿو، پر سندس واٽ تي هلي سرهائيءَ سان سر ڏيڻ کي سنت ۽ پنهنجي سعادت سمجهي ٿو.

جنهن دل پيتا عشق دا جام،
سا دل مستون مست مدام،
سولي تي منصور چڙهايئي،
اناالحق ڪلام.

صوفي ازم جو بنيادي مقصد، انسان ذات سان محبت ۽ ان جي فلاح ۽ ڀلائي رهيو آهي. سنڌ ۾ وحدت الوجودي صوفين ۽ شاعرن پنهنجي درس کي فقط 'تاليفِ قلب ۽ تدريسِ ذات' تائين ڪڏهن بہ محدود نہ رکيو آهي، پر انهن سدائين ماڻهن جي زندگيءَ جي مامرن ۽ مسئلن تي غور ۽ فڪر ڪرڻ کان علاوه رياستي جبر ۽ جاگيرداري خلاف عملي طور جاکوڙيو ۽ جهيڙيو بہ آهي.

جوڳن اوري جوءِ، جي لوڪان لال لِڪي ويا،
لاهوتي لنگهي ويجي، حر پيا ۾ هوءِ،
راسخ روبروءِ، وڃي ناميا ٿيا ناڪ جي!

سچل سرمست جي شاعري، جيئن تہ هڪ سرمست دل جي سرگوشي ۽ هڪ سرڪش روح جو سڏ ۽ پڙاڏو آهي، انهيءَ ڪري ان جي گهرائيءَ مان مقصد ۽ مطلب جا گوهر حاصل ڪرڻ لاءِ سُچيت ذهن ۽ پُرديد دل درڪار آهي، جنهن کان سواءِ 'سچ ۽ سچل' کي سمجهڻ ناممڪن آهي.

مُنهن محراب محبوب جو، جامع سڀ جهان،
اُڏامي اُتِ ويو، عقل ۽ عرفان،
سمورو سبحان، ڪنهن کي وڃي نيتيان!

چون ٿا تہ سچل کي پٽ ڏٺي ننڍي عمر ۾ ڏسي چيو هو، 'اسان جيڪو ڪُنو چاڙهيو آهي، ان جو ڍڪڻ هي نينگر لاهيندو'. لاڪيٽي لطيف جي اها پيشن گوئي، اڳتي هلي سچ ثابت ٿي ۽ سچل نہ رڳو تصوف جي دميل ديڳ جو ڍڪڻ لاٿو، پر ان ۾ موجود صوفياڻي رازن ۽ رمزن کي پڻ عام ماڻهن سان ونڊيو ۽ ورهايو آهي. ڀٽائيءَ جي شاعري ۾ سمنڊ جهڙي گهرائي ۽ چانڊوڪي رات جهڙي سانت ۽ سندرتا آهي ۽ سچل جي شاعريءَ ۾ سمنڊ جهڙي سرڪشي ۽ خيام جي رباعين جهڙي رندي، مستي ۽ حُسناڪي آهي. سچل جي شاعريءَ ۾ سرمستي ۽ بي خودي آهي ۽ ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ فڪري نفاست ۽ جمالياتي نرملتا ملي ٿي.

ڪڪر منجهہ ڪپار، جُهڙ نيڻئون نہ لهي،
جهڙا منهنجا سپرين، تهڙا ميگهہ ملهار،
ڪڻ اکيون ڪل يار، تہ وجن سور سنڌا ڪيون.

سچل جي شاعري، 'خود ۾ خدا ۽ خدا ۾ خود کي ڀَسڻ' جو درس ڏئي ٿي، انهيءَ ڪري ئي هو هميشہ ڪنهن ٻي تي انحصار ڪرڻ بدران پنهنجو پاڻ تي ڀاڙي، منصور بڻجي، نہ فقط پاڻ منزل ماڻڻ جي ڳالهہ ڪري ٿو، پر ٻين کي پڻ ان تائين رَسائڻ جو عهد ۽ اقرار ڪري ٿو.

پُنيءَ جَجَ نہ جُلُ، تون ڪر پاڻ کي گهوٽُ،
مرد نہ هيئين موٽُ، پُنيءَ لائي جَجڙي!

سچل سائين، ڪيترن ئي اجوڪن نام نهاد 'پوشاڪي ۽ گوشاڪي' صوفين وانگر 'لباسي ۽ لِحافي' صوفي نہ هو، پر ان تصوف جو پرچارڪ ۽ پيروڪار هو، جنهن ۾ 'خودشناسي' ئي 'خداشناسي' هوندي آهي. جنهن ۾ ظاهري شڪل ۽ صورت جي ڏيک ويک جي بنياد تي، نہ ڪو اعليٰ هوندو آهي ۽ نہ ئي ڪو ادنيٰ. جنهن ۾ سڪٽي زباني ڪلامي اظهار سان، نہ ماڻهو 'مسلمان' بڻجندو آهي، نہ ئي ڪنهن انڪار جي اظهار سان ڪوئي 'ڪافر' ٿيندو آهي، 'ڪافر ۽ مومن' جو تعلق تہ انسان جي پنهنجي من جي، 'نفي ۽ اثبات' جي احساس سان هوندو آهي. اندر جو مِيرُ ۽ منافقي ئي، ماڻهوءَ کي 'مُنڪر ۽ مُشرڪ' بڻائيدي آهي. اهو اندر جو اوجر ئي هوندو آهي، جيڪو آدميءَ کي الله سان ملائيندو ۽ ان ۾ جلالي ۽ جمالي اوصاف اُجاگر ڪندي آهي، تڏهن ئي تہ سچل چوي ٿو:

ڪلمي مون کي ڪو نہ ڪيو، موروثي مسلمان،
نڪي احمد موڪليو، ڪو عرب ڪان ايمان،
'سچو' سو سُبحان، پر آدمين ليکي آدمي.

سچل سرمست وٽ ڪوڪلي ڏيکاءَ ۽ خالي نماءَ جي ڪائي وقعت نہ آهي. هو اندر جي صِدق ۽ ايمان کي ئي سڀ ڪجھہ سمجهي ٿو، انهيءَ ڪري ئي اندر جي اُجرائي ۽ دل جي پاڪدامنيءَ کان سواءِ 'سڪٽي ڪلمي گوئيءَ' کي 'ڪفر' مترادف سمجهندي، چوي ٿو:

ڪلمون پڙهان تہ ڪافر ٿيان، گھڙان نہ انهيءَ گھير،
جاڏي راهہ رسول جي، تاڏي پايان نہ پير،
من مان ڪڍان نہ مير، تہ حضور حاصل نہ ٿئي.

اک ۾ ڪَکُ هوندو تہ، اوجر نظر نہ ايندو، ائين ئي من ۾ 'مير' هوندي، تہ محبوبن جو حضور حاصل ٿيڻ ممڪن ئي نہ آهي. من مان 'مير ۽ غير' ڪڍڻ سان ئي محبت جون سموريون منزلون ماڻي سگھجن ٿيون. عشق جي نماز تہ صرف لڙڪن سان وضو ساري ئي ادا ڪري سگھبي آهي.

حقيقت ۾ تصوف، صفاتِ ذات کان مظهرِ ڪائنات جي جوڳ ۽ جاچنا جو اهو سفر آهي، جنهن ۾ دماغ کان وڏيڪ دل جي مسافت ۽ مزدوري شامل هوندي آهي، جنهن ۾ 'محبوب' کي ماڻڻ لاءِ اکيون پير ڪري، دوريءَ جو دشت اُڪرڻو پوندو آهي. جنهن ۾ رڳو مسجد، مندر ۽ ڪليسا ۾ ئي خدا نہ ملندو آهي، پر تن من، ڪک ۽ پن ۾، انهيءَ 'پرينءَ' جو جلوو ۽ جمال موجود هوندو آهي. ڇو تہ خدا جو گھر ديوارون نہ، پر انسان جي دل هوندي آهي، انهيءَ ڪري ئي سچل سائين پاڻ فرمائي ٿو:

پيو ڪو جاڻڻ محض گناهہ، هر ڪنهن صورت آپ الله،
ڪٿي گدا گدائي والا، ڪٿي شهنشاهہ،
دونهان ڏيک مٿان ڪو پولي، اولِي اَبر ماهہ،
صورت منجهہ 'سچوءَ' جي، ٻولي پاڻ ئي بيپر واهہ.

---

ذات صفات هِڪائي آهي، ٻُول نہ وجهين ٻُولي،
سوئي اندر سوئي ٻاهر، سوئي تنهنجي چولي،
توم، مون ۾، هن ۾ هر جا، سچ سچل ٿو ٻولي.

سچل سائين انهيءَ تصوف جي رَندن ۽ پنڌن جو راهي هو، جنهن ۾ مذهبي مُنافرت، تعصب ۽ تفرقي بازيءَ بدران برداشت، رواداري، اَخوت ۽ محبت ئي، زندگيءَ جي اولين عبادت هوندي آهي. هُن ڪڏهن اختيار ۽ اقتدار جي صاحبن جي سَرهائي ۽ خوشنوديءَ لاءِ، پنهنجي سرمستيءَ جو سودو نہ ڪيو، پر سدائين غريبيءَ ۾ گذاري، سرمستيءَ جي اميريءَ ۾ مست ۽ مگن رهيو. هُن پنهنجي دل جي ڪُنڊڙيءَ کي ئي ڪائنات بڻائي، نہ رڳو هر حاڪم ۽ حڪمران جي تاج ۽ تخت کي پُٺي ڏني، پر

پنهنجي موروثي گاديءَ کي بہ ڇڏي، دل جي گداگري قبول ڪئي. هُن صاحبِ اختيار ۽ صاحبِ دَستار هوندي بہ، ’سرمستي‘ کي اوليت ۽ اهميت ڏني. اها سرمستي، جيڪا قلبي قرار ۽ پاڻ مان ئي سڀ ڪجهہ پائڻ ۽ حاصل ڪرڻ جو حقيقي احساس عطا ڪندي آهي.

قـــلـــبـــي نـــہ قـــرار، آهـــي عـــاشـــقـــن کـــي،
روحـــي لـــک رُلايـــا، نـــہ نـــفـــســـي نـــفـــع دار،
ســـريءَ سَـــو وڃـــايـــا، خـــفـــي ڪـــيـــا خـــوار،
ابـــر اخـــفـــا نـــاهـــہ ڪـــو، طـــلـــب کـــي تـــڪـــرار،
ريءَ پـــروڙڻ پـــانـــهـــنـــجـــي، آهـــي شـــيـــطـــانـــي ڪـــار،
’ســـچـــو‘ هـــي ســـنـــســـار، ســـارو پـــاڻ صـــحـــيـــح ڪـــيـــو.

سرمستي ۽ ”مستي، قلندري مسلڪ جو اهڃاڻ آهي.... اصل ۾سرمست، طريقت ۽ معرفت جي راهہ تي هلندڙ انهن طالبن کي چيو ويندو آهي، جن جو ظاهري نہ، پر قلبي عمل تمام گهڻو هجي، غير ڏانهن ڏيان نہ ڏيڻ، پنهنجي ذاتي غرضن کي ختم ڪري، الله جي رضا تي راضي رهڻ ۽ ان ۾ سڪون حاصل ڪرڻ. مطلب تہ سموري توجهہ جو مرڪز ۽ محور دل جي روحاني جذبن کي بنائڻ، قلندري ۽ سرمستي مسلڪ جون وصفون آهن“(8). بيشڪ سچل مڙني قلندري وصفن ۽ سرمستي صداقتن سان سرشار هو، انهيءَ ڪري ئي سندس شاعريءَ ۾ جابجا ان جا عڪس ۽ نقش چِٽا نظر اچن ٿا.

تـوڙ رواج ۽ رسـمـون سـاريـون، مـرد ٿـئـيـن مـردانـو،
پـاڻ بـيـگـانـو مـور نـہ ڄـاڻـيـن، آهـيـن يـار يـگـانـو،
وهـہ سـچـل ڪـي ٻـانـهـپ وارو، شـمـلـو ٻَـڌُ شـاهـانـو.

سچل نہ صرف هر مُنافق ۽ مَڪار سان مُهاڏو اَٽڪائي، پيڙهيل پورهيت، مظلوم ۽ مفلس مزدور جو ساٿ ڏنو، پر هو عملي طرح بي واهن ۽ بي پهچ، لاچار ۽ بي وس ماڻهن ۽ انهن جي حقن جو طرفدار بڻجي، ڪُڇي ’ڪافر‘ بہ ٿيو، تہ نہ مُڙي مُشرڪ بہ نہ بڻيو.

سچل سرمست تہ انهيءَ صوفيت جو قائل هو، جيڪا درٻاريت کان دور ۽ ’خلقِ خدا‘ جي قريب هئي. جنهن ۾ دڪانداري، نماءُ، رياڪاري ۽ مصلحت پسندي نہ هئي، پر ڪرائي، خدائي، پيار جو پرچار ۽ انسان جي خوددار جياپي جي سُندرتا ۽ سچائي سمايل هئي. اهو ئي سبب آهي جو، اڄ بہ جڏهن اک وٽائي ڏسبو تہ، سندس آسڻ تي، ڏيکاءُ پسند اميرن ۽ پوڊائي پيرن کان وڌيڪ، غريب غُربا، پورهيت، عاشق ۽ عُشاق، دنيا جا ڏُک ۽ درد وِساري سندس عشق ۾ محوِ رقص نظر ايندا ۽ ساري درازا

سراپا ’مي رقصم‘ محسوس ٿيندي.

سچل، دنيا ۽ دنياداري جو نہ، پر ’دل‘ ۽ ’دلداريءَ‘ جو داعي ۽ حامي هو. انهيءَ ئي ڪري هُن روايتي دنياداري بدران غير روايتي دل وارن عاشقن ۽ عُشاقن جهڙيون ڳالهيون ڪيون آهن، جن ’ڳالهين‘ کي فقط اهي ئي پَروڙي ۽ پائي سگهن ٿا، جن وٽ عقيدي ۽ عقل جي اَنڌائيءَ بدران عشق ۽ دل جي سَچائي سلامت هوندي.

ڪو ڪيئن چوي، ڪو ڪيئن چوي، آءٌ جوئي آهيان، سوئي آهيان،
ڪو مومن چوي، ڪو ڪافر چوي، ڪو جاهل نالو ظاهر چوي،
ڪو ساحر چوي، ڪو شاعر چوي، آءٌ جوئي آهيان، سوئي آهيان.
ڪو ملان چوي، ڪو قاضي چوي، ڪو مفتي چوي، ڪو غازي چوي،
ڪو روزي دار نمازي چوي، آءٌ جوئي آهيان، سوئي آهيان.

سچل سائينءَ جي انهيءَ سادي ۽ سُچيت اظهار، ’آءٌ جوئي آهيان، سوئي آهيان‘ ۾، گهڻو ڪجهہ سمايل آهي، جنهن تي گهرائيءَ سان غور ۽ ويچار ڪرڻ جي، نہ صرف سخت ضرورت آهي، پر اُن تي پوري سچائيءَ سان عمل ڪرڻ جي پڻ اَشد ضرورت آهي. ’دوئي‘ ۽ ’بهروپيت‘ ذريعي نہ ’دين‘ جي حاصلات ممڪن آهي، نہ ئي وري ان سان ’سچ جي دنيا‘ حاصل ٿي سگهي ٿي. ’دين ۽ دنيا‘ جو حقيقي حصول تہ فقط ’دوئي ۽ بهروپ‘ وڃائي، ’هيڪڙائيءَ ۾ هڪُ ٿيڻ‘ ۽ ’تون ۽ مان‘ جا سيئي سنڌا ۽ سيمائون ريٽي ۽ ميٽي ڇڏڻ ۾ آهي ۽ سچل جو پيغام بہ اهو ئي آهي.

حديــن وڃــي هــر ڪــو، لاحــد وڃــي پــيــر،
سـچـو سـو فـقـيـر، جـو حـد لاحـد لـنـگـهـي وڃـي.

سچل لاءِ عام طرح سان چيو ويندو آهي، تہ هو باغي ۽ جلالي شاعر آهي. بيشڪ هر سچو شاعر باغي ۽ جلالي هوندو آهي. سچل تہ، ’سچو‘ ۽ ’سرمست‘ بہ هو، انهيءَ ڪري هن جي بغاوت رسمي ۽ روايتي نہ پر اصولي ۽ اصلاحي آهي. سچل هر انهيءَ اَنڌي ۽ اونڌيءَ روايت جو انڪاري آهي، جيڪا انسان کان ان جي اظهار جي آزادي، عزتِ نفس ۽ خودمختيار جياپي جو حق کسي، ماڻهوءَ مٿان جبري فِرقن، ڌرمن ۽ خودساختہ جنوني قاعدن ۽ قانونن جا احڪام مسلط ڪري ٿي. هُن جي سوچ، هر اهل معرفت وانگر مذهبي تنگ نظريءَ کان مٿاهين ۽ سندس دل اهڙي درياءَ وانگر آهي، جيڪا ’وحدت ۽ وحدانيت‘ سان سرشار ۽ ڪناتار آهي، پر ان ۾ دوئيءَ جو ذُڪو بہ شامل نہ آهي، تنهنڪري ئي تہ پاڻ چوي ٿو:

نـامـئـن سُـنـي، نـا مـئـن شـيـعـا، نـامـئـن ڏوهـہ ثـواب،
هـنـدو مـومـن هـڪ ڏِـٺـو، پـول نـہ بـي ڪـنـهـن پُـلُ،
ڏِـجُ گُـلابـي گُـلُ، مَـر مـاريـنَـئـي مـنـصـور جـان.

سچل سرمست پنهنجي شاعريءَ ۾، نہ رڳو اندر مان ڪيني ۽ ڪدورت ڪي ڪڍي، دوئي دور ڪرڻ جي ڳالهہ ڪري ٿو، پر مذهب، ڌرم، نسل، ذات ۽ پات جي ويڇن کي وِساري، 'محبت ۽ انسانيت' جي هڪ ئي ڌارا ۾ پوئجي وڃڻ جي تلقين ڪري ٿو:

وقت اها ٿئي ويل، دوئي دور ڪرڻ جي،
ڪڍ مذاهب من مان، ساجهر ساڻ سويل،
هندو مومن سان ملي، محبت جا ڪر ميل،
متان ٿيئي اَويل، اولهہ سج نہ اُلهي.

سچل سراپا محبت، سرمستي ۽ انالحق جو اسرار آهي. هو نہ رڳو هر قسم جي ڌرمي ڍونگ، مذهبي مُنافرت ۽ منافقت کي ٺُڪرائي ۽ رد ڪري ٿو، پر مذهب جي نالي ۾ منافقتن جو ڪاروبار ڪندڙ ۽ جوُرن وانگر انسانن جو خونُ چوسيندڙ 'روڳين ۽ ٺوڳين' جو پڻ مخالف آهي. مسجدن، مندرن، ڪليسائن ۽ امام بارگاهن کي ڪوس گهر بڻائي، بي گناهہ ۽ معصوم ماڻهن جو رت وَهائيندڙن ۽ ڇهري تي مختلف ماسڪ پهري 'دين ۽ ڌرم' جي ٺيڪيداري ڪندڙ مُنهن ۾ 'مُلان' ۽ اندر ۾ 'اِبليسن' جي پڻ سخت لفظن ۾ نندا ڪري ٿو. هو ان مذهب ۽ ڌرم جو انڪاري نہ آهي، جيڪو مساوات، انسان دوستي، امن عالم ۽ محبت جي پيغام تي مبني آهي، جنهن ۾ عشق ئي عابد ۽ عشق ئي معبود هوندو آهي، پر انهن ڪاروباري مُلن، مشائخن، پيرن، پنڊتن ۽ پادرين جي 'مذهب ۽ مذهبي طريقت' جو منحرف ۽ مخالف آهي، جن ماڻهن کي مُنجهائي ۽ حراسائي سندن جيون کي جيئري ئي دورخ بڻائي ڇڏيو آهي. تڏهن ئي تہ پاڻ الاعلان چوي ٿو:

مذهبن ملڪ ۾، ماڻهو مُنجهايا،
شيخيءَ، پيريءَ، بزرگيءَ، بيحد پُلايا،
ڪي نِوڙي نمازون پڙهن، ڪِن مندر وَسايا،
اوڏا ڪين آيا، عقل وارا عشق کي.

سچل سرمست طلب ۽ طمع جي پويان پاڻ وڃائڻ وارو نہ، پر طمع کي ترڪ ڪري، 'سرمستي' جي شمع جَلائڻ وارو شاعر آهي. هو اندر ۾ ڪيني ۽ ڪدورت کي رکي جيئڻ بدران عشق جي 'سرمدي ۽ سرمستيءَ' کي اوليت ڏئي ۽ هرحال ۾ 'آزاد ۽ آبرو وارو جياپو جيئڻ ۽ ٻين کي ساڳيو حق ڏيڻ' جو درس ڏئي ٿو. هو جياپي جي راهہ ۾، عشق ۽ آدرشي احساس کي امام بڻائي، ماڻهپي، انساني ٻائپي، امن ۽ آنند لاءِ، نہ فقط جهيڙن ۽ جاکوڙن جي تلقين ڪري ٿو، پر هجومن پنيان هلي، تماشبين بنجڻ بدران خود گهوٽ بڻجي، منصوري راهہ اختيار ڪرڻ جي پڻ هدايت

ڪري ٿو.

پُنيءَ ڄَڄَ مَ ڄُلُ، منجهہ تماشي نہ پوين،
گهوٽ ڪري تون پاڻ کي، ڪر هنگامو هُلُ،
پُلَ ٻي مَ پُلُ، پُڇج حال حَلاج جو.

سچل سرمست جي شاعريءَ جو سچو روح ’وحدت الوجود‘ جو فڪر ۽ فلسفو آهي. وحدت الوجود، اندر مان دوئي، ڪدورت ۽ ڪيني کي ڪڍي، هيڪڙائي، محبت، امن، اُنس ۽ انسانيت کي اپنائڻ جو درس ڏئي ٿو. سچل سائين سچ جو هوڪو ڏئي، اناالحق جو اظهار ڪري، جنهن سرمستي ۽ سرويچيءَ سان پنهنجي شاعريءَ ۾ ’منصوري مام‘ کي عيان ڪيو آهي ۽ عملي طرح ان جي سچي عمر پيروي ۽ پاسداري ڪئي آهي، اسان ان کي وساري ويٺا آهيون. اها منصوري مام اها آهي، جنهن لاءِ سچل چوي ٿو:

پاڻ وڃائي پاڻ، ڳولهي لهج پاڻ کي،
پاڻ منجهان ئي پاڻ کي پوندءِ ڄاڻ سُڄاڻ،
مکڻ ڪير هيڪڙو، سوئي ڪير سنباڻ،
اهو اٿئي اُهڃاڻ، ڳهلا! انهيءَ ڳالهہ جي.

اڄ جڏهن هر طرف دهشت ۽ وحشت، مذهبي تنگ نظري، نسلي اوچ نيچ، فرقي پرستي ۽ فتني بازيءَ جو آڙاهہ ٻَري رهيو آهي. سياست ۽ رياست، مصلحت جو شڪار بڻجي، ماڻهن جي اجتماعي فلاح، ڀلي ۽ تحفظ بدران چند فردن ۽ گروهن جي چاڪريءَ ۾ پوري آهي. ماڻهو، ماڻهوءَ جي خون جو پياسو ٿي پيو آهي. ڌرمي ٺيڪدارن جي ڪرتوتن ڪري، مذهبن مان رواداري، روشن خيالي، امن، محبت، انسان دوستي ۽ مساوات جا قدر موڪلائي رهيا آهن. درگاهون ۽ ڌرم شالائون، مسجدون ۽ مندرَ، ڪليسائون ۽ علمي درسگاهون، جيڪي انسان جي سکيا، سڪون، آنند ۽ روحاني اطمينان جو حقيقي مَسڪن رهيون آهن، جتي محبتون، عبادتن جهڙي احساس سان سرشار ۽ عبادتون، محبتن جهڙي آنند سان ٽمٽار هونديون آهن، اُتي نفرت ۽ تنگ نظريءَ جي باهہ ڀڙڪائي، رت ۽ بارود جي بوءِ سان سموري ماحول کي دهشت ۽ وحشت وارو بڻايو ويو آهي. اهڙين حالتن ۾ سچل سرمست جي ’پاڻ سڃاڻڻ، انسان دوستي، رواداري، حق گوئي، سچ، سونهن، امن ۽ محبت‘ جي پيغام تي عمل ڪرڻ جي اڄ جيتري ضرورت آهي، شايد اڳ ڪڏهن بہ نہ هئي.

سچل جو انساني مساوات، محبت، رواداري ۽ پاڻ سڃاڻڻ وارو سنيهو ئي آهي، جنهن کي هينئين سان هنڊائڻ ۽ صدق دل سان اپنائڻ جي ضرورت آهي. اڄ جي

دوئي ۽ دهشت، انائن ۽ وحشت، بمن ۽ بارود جي دونهين، فتنن ۽ فرقي پرستي، مذهبي تنگ نظري، سياسي ۽ سماجي بي راهه روي ۽ محبتن جي قحط واري دؤر ۾، اهوسچل جو پيغام ئي آهي، جنهن تي عمل ڪري، نه رڳو سنڌ سُک جو ساهه کڻي سگهي ٿي، پر ان ئي پيغام کي اپنائي، عالمِ انسانيت حقيقي آنند ۽ روحاني اطمينان حاصل ڪري سگهي ٿي.

آخر ۾ سچل سائينءَ جي حضور ۾، هڪ نظم جو نذرانو پيش ڪجي ٿو، جيڪو سندس فڪر، فلسفي ۽ پيغام جي نه رڳو پوري عڪاسي ڪري ٿو، پر ان تي هلي پنهنجي منزل تي رَسڻ جو گس ۽ ڏس به ڏيئي ٿو.

## رقصم رقصم

سچل! تنهنجو سچ ته اڄ پي،
ساڳي سورج وانگر آهي.
جنهن جو ڪِرڻو ڪِرڻو چِڻ،
جنهن جو جهرڻو جهرڻو چِڻ،
”اناالحق“ اقراري آهي،
رقصم روپ هزاري آهي!

—

تو جا ڪالهه درازن ۾ هئي،
دولهه چڻنگ دکائي ڪائي.
تجلا تنهن جا اڄ به ساڳيا،
بيشڪ سائين! برحق آهن.

—

سنڌءِ سنيهو سمنڊ سراپا،
سرڪش جنهن جون ساريون لهرون،
اڄ به ڪنارا ٻوڙن ٿيون، پر،
تڙ تي ڪوئي تارون ڪونهي!

—

ماڪڙ وانگر پيلي وئي آ،
نند نڌوري ملڪ سڄي کي،
ماڻهو ماڻهو ماس جو طالب،
ڍونڍ دنيا تي مکين وانگر،
ميڙو آهي، جهيڙو آهي!

متي من ۾ مورت نوري،
ڪو ٻہ نہ ڄاڻي، ڪو ٻہ نہ ٻُرجهي!

—

سچل! تنهن جو سچ سنيهو،
تنهن لئہ پر سرمستي گهرجي!
هڪڙي سائين! هستي گهرجي،
ننڊ اُجهاڻل نيڻن ڪي جا،
جاڳ جي ڪائي جوت ڏئي ڪا!
ماڳ جي ڪائي ڳوت ڏئي ڪا!
ماڳ جي ڪائي ڳوت ڏئي ڪا!(9).

حوالا:


1. اياز، شيخ ”آءُ درازا هل“، (مرتب) تاج جويو، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 2007ع، ص11.
2. Carl.W.Ernest, "Words of Ecstasy in Sufism", New york, 1985, P:1.
3. J. Vajaya. Tunga, "The Company of Mystics", Blue Bird Series, Karachi, 1942, P:161.
4. لاشاري، رشيد احمد، (مقالو)، ”سچل سرمست جي اردو شاعري“، ماهوار نئين زندگي، جنوري 1960ع، ص18.
5. صديق، طاهر، (مقالو) ”سچل سرمست ڪي سرائڪي شاعري“، مرتب: حميد آخوند، سچل اڪيڊمي، خيرپور ميرس، 1983ع، ص44.
6. ٻگهيو، قاسم، ڊاڪٽر، (مقالو) ”سچل ۽ سنڌي سماج جوا ڀياس“، ”سرمست“، 10/1990ع، سچل سرمست يادگار ڪميٽي، خيرپور، ص40.
7. قادري، اياز، ڊاڪٽر، (مقالو)، ”منصور حلاج ۽ سچل سائين“، ”سرمست“، 10/1990ع، سچل سرمست يادگار ڪميٽي، خيرپور، ص10.
8. ميمڻ، عبدالمجيد، ڊاڪٽر، (مقالو)، ”سچل سرمست جي شاعريءَ ۾ مستيءَ جو مفهوم“، ”سرمست‘ 14/1994ع،سچل يادگار ڪميٽي، خيرپور، ص25، 26.
9. لطيف، فياض، ڊاڪٽر،”دل جي خانہ بدوشي“، پوپٽ پبلشنگ هائوس، خيرپور، 2013ع، ص64، 65.